نور محمد ڦرڙو

# تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين جي استعمال جو تحقيقي جائزو


### *Abstract:*

**An analytical review of words of other languages used in the poetry of Tanveer Abbasi**

*Tanveer Abbasi, a renowned Sindhi poet, made significant contributions to the development of modern Sindhi poetry. One of his distinctive features as a poet was his adeptness at incorporating words from various languages into his Sindhi poetry. Abbasi skillfully incorporated words from Arabic, Persian, Hindi, Urdu, and English into his work, thereby adding depth and richness to the Sindhi language.*

*This analytical review aims to explore and appreciate Abbasi's mastery in utilizing words from other languages within his Sindhi poetry. By examining his poetic works, we can gain insights into Abbasi's artistry, linguistic skills, and the impact of his multilingual approach on Sindhi poetry and language.*

*Abbasi's integration of words from Arabic and Persian reflects his deep appreciation for the literary traditions of these languages. The Arabic and Persian words in his poetry lend an air of sophistication and elegance, infusing his verses with a timeless quality. These borrowed words serve to elevate the aesthetic appeal of his Sindhi poetry, while also connecting it to the broader Islamic and Persian poetic traditions.*

*Furthermore, Abbasi's usage of Hindi and Urdu words showcases his awareness of the cultural and linguistic diversity within the Indian subcontinent. By incorporating these words, he creates a sense of regional inclusivity and captures the essence of the Sindhi people's historical and cultural interactions with Hindi and Urdu-speaking communities.*

*In addition, Abbasi's incorporation of English words demonstrates his engagement with the modern world and global influences. These words add a*







*contemporary and cosmopolitan flavor to his poetry, reflecting the changing times and the evolving nature of Sindhi society.*

*In conclusion, Tanveer Abbasi's poetry stands as a testament to his remarkable ability to incorporate words from Arabic, Persian, Hindi, Urdu, and English into his Sindhi verses. His poetic works showcase his skill, artistry, and the quality of his multilingual approach. Abbasi's usage of words from other languages enhances the aesthetic appeal, cultural depth, and linguistic richness of Sindhi poetry. His contribution to Sindhi literature leaves a lasting legacy, inspiring future generations of poets to explore the power of language and its ability to bridge cultures.*


**سنڌي** ادب ۾ شاعري اعليٰ مقام رکي ٿي، خاص ڪري جديد سنڌي شاعري: جنهن جو بنياد ڪشنچند بيوس، شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام رکيو. جنهن کي سنڌ جي ٻين شاعرن مخدوم طالب المولیٰ، استاد بخاري، تنوير عباسي، محمد پناهه ڦرڙو، شمشيرالحيدري کان ويندي موجوده دور ۾ ڊاڪٽر ادل سومرو، اياز گل، ڊاڪٽر مهر خادم، مير محمد پيرزادو، پارس حميد، ساحر راهو، حسن درس، لطف سيال، اسد مگڻهار، مرتضيٰ ناز، مرتضيٰ ڦل، خالد راڄپر، ڊاڪٽر مشتاق ڦل، رحمت پيرزادو ۽ عورت شاعرائن ۾ رخسانه پريت چنڙ، روبينه ابڙو، فرزانه شاهين، نشا ڪنول، صنم سنڌو ۽ ٻيا جديد شاعريءَ جا اپرنڊڙ ستارا شامل آهن.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ تنوير عباسي جو نالو ڪجھ اهم شاعرن ۾ شامل آهي، سندس جنم خيرپور ضلعي جي ڳوٺ سوڀيديري ۾ ٧ ڊسمبر ١٩٣٤ع ۾ ٿيو.

تنوير عباسيءَ جي شاعري ڪيترين ئي خوبين سان ٽمٽار آهي، هو محبتن جو شاعر هو، سندس شاعريءَ ۾ وطن پرستي، انسان دوستي، جماليات، تصوف ۽ فطرت نگاريءَ جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو.

مقالي ۾ تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي استعمال جو جائزو ورتو ويو آهي، جيڪي عربي، فارسي، هندي، اردو ۽ انگريزيءَ جا آهن. اهي لفظ تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ استعمال ڪيا آهن، جنهن سان اهو اندازو ٿي ويندو ته جديد شاعر، تنوير عباسي ٻين ٻولين جي لفظن جو ڪهڙو سهڻو استعمال ڪيو آهي! ۽ ڪيئن لفظن کي پنهنجي جديد سنڌي انداز سان ٺهڪندي پيش ڪرڻ جي مهارت رکي ٿو.

هن مقالي جو جائزو هيٺين نقطن موجب مختلف صنفن جي آڌار تي ورتو ويو آهي.

**تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جو سٽاءُ:**

- تنوير عباسيءَ جي شاعري ۾ ٻوليءَ جي خصوصيت
- مختلف ٻولين جي لفظن جو استعمال
- مختلف صنفن ۾ ڪتب آيل لفظ.

هيٺين صنفن ۾ مختلف ٻولين جي لفظن جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي.

- وائي
- غزل
- هائيڪو
- نظم
- قطعو

**تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جو سٽاءُ:**

تنوير عباسي، جديد شاعري ۾ سنڌ جي ٻين شاعرن جيان نج سنڌي ٻوليءَ جو اسلوب استعمال ڪيو آهي، جيڪو وقت جي ضرورت تحت ڪيو آهي، جنهن لاءِ ٽي. ايس. ايليٽ لکي ٿو ته: ”شاعر پنهنجي دور جي شعور جو اعليٰ ترين نمائندو آهي.“(١)

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ماترائن، سلاست سان گڏو گڏ صنعتن ۽ لفظن جو هڪ وڏو خزانو شامل آهي، سندس شاعريءَ ۾ استعارن، تشبيهن، اصطلاحن ۽ عام چوڻين جو استعمال ڪيو ويو آهي.

تنوير عباسيءَ جي شاعري روزمره جي عام فهم ۽ عام سمجهڻ واري اها شاعري آهي، جيڪا ٻڌڻ يا پڙهڻ سان معنيٰ مطلب آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو.

سندس شاعريءَ ۾ بيتن جو سٽاءُ چند وديا تحت آهي، جيڪا ڏوهيڙن، سورٺن، وانگر پڻ آهي، خاص طور تي تنوير عباسيءَ غزل ۾ پراڻي طريقي تحت فارسي لفظن جو گهڻو استعمال ڪيو آهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر مهر خادم هيٺين راءِ ڏني آهي ته: ”شروع ۾ تنوير عباسي روايت پسند شاعر دوستن سان اٿڻ ويهڻ جي ڪري،





پراڻي رنگ، ڍنگ يا فارسي مزاج وارا غزل لکيا.“(٢)

تنوير عباسي، جڏهن جديد سنڌي شاعريءَ ڏي مائل ٿيو ۽ ان ايراني اثر کان آجو ٿي، پنهنجي شاعريءَ کي جديد سنڌي شاعريءَ جو لباس پارايو ۽ پنهنجي اسلوب ۾ آندو، ته ان لاءِ پاڻ ئي چيائين ته: ”ڪافي بيت، دوهي جو موضوع بدلايو ويو آهي، گيت جي هيئت ۽ ترنم ۾ مصرعن جي گهاٽي واڌي سبب فرق آندو ويو آهي. غزل جو استعمال فارسي وارو ڪلاسيڪي رنگ، لب و لهجو ۽ ماحول مٽائي ان ۾ نيٺ سنڌي ماحول ۽ اسلوب ڏنو ويو آهي، هر صنف ۾ لفظن جو ترنم ۽ موسيقيت آندي ويئي آهي.“(٣)

مقصد ته تنوير عباسي جي شاعري ٻوليءَ جي سٽاءَ جي لحاظ کان ڪمال جي آهي، جنهن جون خوبيون سڄن جديد شاعرن جي ڪلام جيان آهن.

**تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻولي جي خصوصيت:**

تنوير عباسي، سنڌ جي انهن جديد شاعرن مان آهي، جن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي گهڻو مٿانهون مان ڏياريو ۽ انهن پنهنجي شاعري ذريعي پاڻ به اهم مقام ماڻيو. جيئن ته ٻولي هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن کي انسان پنهنجي مرضي پٽاندر ٺاهيندو آهي. تنهن ڪري هر انسان جي ڳالهائڻ واري ٻولي جي بيهڪ، معنيٰ، انهن جي رواني جي خاصيت، هڪ شاعر جي شاعريءَ مان گهٽي نظر ايندي آهي، بقول ڊاڪٽر فهميده حسين جي:

”نظم، آزاد، نظم يا هائڪن بابت ايترو ته تفصيل سان لکيائين جو ٻيو ڪو به ان کان پوءِ ڪجهه لکي ڪو نه سگهيو.“(٤)

تنوير عباسيءَ جي شاعري جي ٻولي تمام سگهاري آهي، جيڪا سندس پنهنجي امتيازي خاصيت آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ڪارج‘ انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا جي حوالي سان هيئن ڪري ٿو: ”وڌو مطلب ونجي ته ٻولي انسان جي وچ ۾ هڪ اظهار جو وسيلو آهي پر جي ٻوليءَ جو سڏريل پهلو ڏسجي ته معلوم ٿيندو ته، ٻولي سڏي سنئين هڪ انساني خصوصيت آهي، اها خصوصيت انسان جي امتيازي آهي.“(٥)

ٻولي فرد جي پنهنجي ٻولائي ڪماليت جي اها واحد خوبي آهي، جنهن ۾ ان کي

ڪمال هئڻ سان گڏوگڏ ان جي پنهنجي وسيع النظري ۽ مشاهدي جي گهرائي جو پڻ اندازو ٿي ويندو آهي. اهڙو ڪمال تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جا اهڙا اهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن، جو انهن ڪي ٻين لغتن ۾ ڏسڻ ڪان پوءِ حيرت وٺيو وڃي ٿي ته ڇا تنوير انهن ٻولين جو وڏو ماهر ۽ ڄاڻو ته نه هو!

تنوير جي شاعري جي ٻولي ۽ لفظي جوڙجڪ ظاهري ترڪيبون، معنوي ساخت، سان گڏ ان ۾ ٻوليءَ جا اصل ذاتو، محاورا، لفظي پيچ گهڙ، ۽ نحوي ترڪيبون ۽ سلاست موجود آهي، جيڪا دنيا جي سٺن شاعرن ۾ موجود هوندي آهي، تنوير پنهنجي شاعراڻي انداز ۾ جڏهن ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ڪري ٿو ته اهو هرگز محسوس نه ٿو ٿئي ته اهو ڇڻ ڪو ڌاريو لفظ آهي، پر ان جي معنيٰ ۽ مفهوم يا شاعريءَ جي اصولن ڪي هڪ ئي وقت ۾ ائين ضم ڪري ٿو ڇڻ اهي اصل سنڌيءَ جا لفظ، محاورا، اصطلاح، تشبيهون محسوس ٿين ٿيون، جو پڙهندڙن ڪي ان جي معنيٰ ۽ مفهوم عام فهم وانگر سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو.

**شاعريءَ ۾ ٻولين جا لفظ:**

- عربي
- فارسي
- هندي
- اردو
- انگريزي

**عربي ٻوليءَ جا لفظ:**

ڪنهن به ٻولي ۾ پنهنجي خيال جو اظهار ڪرڻ اجتماعي فن آهي، اها مهارت ڪنهن شاعر ڪي شاعري ۽ ٻوليءَ جي اعليٰ درجن تي پهچائي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان صلاحيت جي ڪري، ٻوليءَ جي لفظن ۽ ان جي ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي ٿو، پر ٻين ٻولين جا لفظ ڪٽي انهن جو استعمال ڪري ٿو ۽ اهو به اهڙي مهارت سان جو شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ته ڪو فرق نٿو اچي، پر ان جي خوبصورتيءَ ڪي چار چنڊ لڳايو ڇڏي.

اهڙيءَ طرح تنوير جنهن سماج ۾ جنم ورتو، اهو نج مذهبي اسلامي سماج





هو، جنهن ۾ شروعاتي قرآن پاڪ جي تعليم لازمي آهي، انهيءَ جو اثر تنوير عباسيءَ تي به پيو آهي، جنهن جو اظهار سندس شاعري ۾ عربي لفظن جي استعمال مان ظاهر ٿئي ٿو.

هن مقالي ۾ مختلف ٻولين جي لفظن جو استعمال مختلف صنفن تحت ڪنيو ويو آهي، جيڪي 'ساجن سونهن سرت، تنوير چئي ۽ رڱون ٿيون رباب' مان ورتا ويا آهن، ٻين ٻولين جي لفظن ڪي مختصر طور هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**وائي:**

هندي ٻوليءَ جي لفظ وائي يا ٻائيءَ مان نڪتل آهي يا پراڪرت لفظ وايا يا سنسڪرت لفظ ورث يا عربي واءِ جنهن جي معنيٰ آهي ڳالهه ٻولهه. پير حسام الدين راشديءَ جو چوڻ آهي ته، شاهه لطيف ڪافيءَ جي جاءِ تي وائي لفظ استعمال ڪيو آهي، سي ڪان پهرين وائي ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهه عنايت چئي.

ماضي آهيان، حال ۽ مستقبل سان سنمڪ مان ٿيندس
مون ڪي اڳتي وڃڻو آهي.
(تنوير چئي، ص ١٢)

جيئڻ ئي تو ڪي ڏنم،
زندگيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو.
(ساجن سونهن سرت، ص:١٤)

سونهن ڪي سجدو ڪيم،
بندگي ۾ ٿي ويو ايمان تازو.
(بند ٢: ساجن سونهن سرت، ص:١٥)

**غزل:**

هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي عورت سان محبت جون ڳالهيون ڪرڻ. هيءَ صنف فارسي زبان جي اثر سبب سنڌ ۾ رائج ٿي، غزل ۾ اسلوب بيان سان گڏ تشبيهون، استعاره، محاورا ۽ اصطلاح وغيره ڪي به فارسي رواج ۽ روايت موجب استعمال ڪيو ويو آهي، غزل جو مقصد آهي ته عشق جواني جو ذڪر ڪرڻ، جنهن ۾ حسن عشق اخلاق، و تصوف جا موضوع شامل هوندا آهن.

غزلن جي پهرين شعر جي ٻنهي مصرعن ۾ قافيو هوندو آهي، ان شعر کي مطلع چئبو آهي، آخري شعر ۾ شاعر جو تخلص هوندو آهي، جنهن کي مقطع چئبو آهي، غزل جي پهرين شعر کي شاهه بيت يا بيت الغزل به چئبو آهي.

نه ڪا رياضت نه ڪا عبادت
رڳو محبت رڳو محبت. (بند ۱)
هائو تنوير اهو مان آهيان
جتي تون آهين نه تو سان آهيان.
نه ملائڪ نه ڪو شيطان آهيان،
مان نه انسان رڳو انسان آهيان.
(ساجن سونهن سرت، ص:۳۹)

تنهنجي گهٽي جي مٽي ميڙي
پنهنجو ڪعبو ٺاهيو آ مون،
دل جي مقدس معبد خاطر
مسجد مندر ڊاهيو آ مون.
(ساجن سونهن سرت، ص:۴۰)

هي لفظ ملائڪ، شيطان، انسان، ڪعبو، مسجد، مقدس، معبد، وغيره عربي لفظ آهن، جيڪي تنوير، غزل ۾ استعمال ڪيا آهن.

**هائيڪو/ تصويرون:**

هي اصل ۾ جپاني لفظ هيڪو مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، منفرد يا اڪيلو ڪلام، گفتگو، هي عڪس آهي، جيڪو جذبي سان پريل آهي، هن جو گهاڙيٽو، ۵،۷،۵ ماترائن تي ٻڌل هوندو آهي، پهرين ۽ پوئين سٽ جو ڪافيو ساڳيو ئي هوندو آهي. **يا**

ظفر عباسيءَ موجب: ”اهي تصويرون جن ۾ وٿن Object کي، وقت Time ۽ ماڳ ۾ متعين ڪيو وڃي.“(۶)

تنوير عباسي هائيڪي جي صنف کان پوري طرح واقف هو ۽ ان کي عروج تائين پهچائڻ وارن شاعرن مان هڪ هو، جنهن تي ڊاڪٽر مهر خادم پنهنجي راءِ ڏيندي



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

لکي ٿو: ”تنوير عباسي وٽ هائيڪي جي صرف ذات ئي نه آهي پر ڏانءُ به آهي.“(۷)

**عربي لفظن جو استعمال:**

مسجد جي اندر
رڪوع ۾ اڪ ٽيٽ سان
جوتن ڏانهن نظر
(ساجن سونهن سرت، ص:۷۱)

**نظم:**

هن صنف کي شمشير الحيدري ۲۰ هين صدي جي پيدائش ڪوٺيو آهي. جيڪا اولهه جي ادب کان هتي آيل نظر اچي ٿي.

نظم، عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، هن جي لفظي معنيٰ آهي هڪ ٻئي سان ملڻ ملائڻ. جڏهن ته لغوي معنيٰ آهي پوئڻ، نظم ۾ خيالن، لفظن، موسيقي سر ۽ لئه ۾ هوندو آهي، جيئن پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙن تي بهترين اثر ڇڏي. نظم ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن:

**اوائلي نظم،** هن ۾ وزن، بحر هم وزن ۽ هم قافين تي گهڻو زور ڏنل هوندو آهي. جڏهن ته **جديد نظم،** هن ۾ وزن بحر جي پرواهه ڪرڻ بنا خيال/ پيغام کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي، ته جيئن خيال پختو هجي. خيال جي ارتقا هئڻ تي زور ڏنو ويو آهي ته خيال جي بلندي برقرار رهي.

جڏهن ته نظم ڪنهن به هڪڙي مصرع، سٽ، شعر يا بند کي پنهنجي الڳ اهميت ڪانهي، پر سمورين مصراعن جي ميلاپ سان هڪڙي جامع ۽ مڪمل شڪل پيدا ٿئي، جنهن جي مجموعي تاثر تي ئي نظم لکجي ٿو. نظم جي لاءِ مجنون گورکپوري چوي ٿو ته: ”نظم صحيح معنيٰ ۾ اهو هوندو آهي، جنهن ۾ خيال جي ارتقا هجي ابتدا وچ ۽ عروج هجي، ان جو هرڪو جز اهڙي طرح ڪل ۾ سمائجي وڃي جو ڪٿي به جهول نظر نه اچيءِ اهو هر طرح مڪمل هجي.“(۸)

تنوير عباسي جديد شاعري ۾ نظم جو بهترين شاعر هو، سندس گهڻي شاعري نظماڻي آهي، تنوير جي نظم ۾ به موضوع ملن ٿا هڪ پيار ۽ پرين ٻيو سماجي ڏاڍ. ڊاڪٽر مهر خادم، تنوير عباسيءَ جي نظم بابت، ڊاڪٽر عبدالجبار جي حوالي سان

لکي ٿو: "تنوير ڪي نظم جو رنگ محل جوڙڻ جو خاص ڏانءُ آهي، سندس نظم ۾ بيجل ڏانهن، نئين مارئي، موهن جو دڙو، جهونگار ۽ جوڳي شاعريءَ جا انمول نظم آهن."(۹)

**عربي ٻوليءَ جا لفظ:**

جنگ جو اعلان آ
سيني خدائن جي خلاف
جنگ جو اعلان آ،
سيني قارونن خلاف
جن خزانا گڏ ڪيا
سيني پرمارن خلاف
جنگ جو اعلان آ
سيني فرعونن خلاف
دعويٰ خدائي ڪئي جن
جن رکيو انسان کان ڏاڍو مٿاهون پاڻ
جنگ جو اعلان آ
سيني هامانن خلاف
جيڪي ڪن ٿا شعبدا
جي حقيقت کي لڪائيندا رهيا
ڪوڙن کي جيڪي وڌائيندا رهيا.

(ساجن سونهن سرت، ص:۷۵)

يا

جي تون منهنجي درد جو درمان آن
جي تون منهنجي روح جو رحمان آن

(ساجن سونهن سرت، ص ۷۵)

**فارسي ٻوليءَ جا لفظ:**

سنڌي ادب جي تمام گهڻي اهميت آهي جو فارسي سنڌ ۾ قديم دور کان رائج رهي آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾





مشهور سياح بشاري مقدسي جي راءِ هيئن لکي ٿو:

"ملتان ۾ اڪثر ماڻهو عرب آهن، هت فارسي زبان به سمجهي وڃي ٿي."(۱۰)

خاص طور تي ميرن جي دور ۾ ته فارسي کي گهڻي هٿي ملي ۽ غزل تي اچ به فارسي رنگ ان دور وارو نظر اچي ٿو، جيڪو ايران کان آيل آهي.

تنوير عباسيءَ تي به فارسي جو گهڻو اثر رهيو آهي، جنهن تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته "تنوير عباسي ڪو وقت غزل جي روايتي انداز کي تقليد ڪندي قائم رکيو."(۱۱)

مطلب ته تنوير عباسي به فارسي اثر کان پاڻ بچائي نه سگهيو، سندس غزل ۾ فارسي جو اثر گهڻو نظر اچي ٿو، سندس ڪتاب 'رڳون ٿيون رباب' مان فارسي لفظن جو استعمال ظاهر ڪجي ٿو.

**فارسي لفظ:**

**غزل**

۱.ڇڏي نه پنهنجي ، نشيمن کي آه ساڙي
خزان جي وقت نه بلبل ڪڏهن چمن ۾ هجي.
(تنوير چئي، ص ۱۶)

۲.ٿئي ستارو يا برسات يا ٿئي شبنم،
پلي هي شڪ سندم گردش ڪهن ۾ هجي.
(تنوير چئي، ص ۱۶)

۳.رهيا تشنهٔ ميڪش رهيو تشنهٔ ساغر
تنهنجي ميڪدي جو نظام الله الله.
(تنوير چئي، ص۱۷)

**قطعو:**

القطع بريدن يعني ڪپڻ ، قطع، ڪپيل ٽڪرو، اصطلاح ۾ قطع جو مطلب نظم جو اهو ننڍو ٽڪرو آهي. جيڪو چئن مصرعن سٽن يا ٻن شعرن تي مشتمل هوندو آهي يا جنهن ۾ ٻن کان وڌيڪ شعر هجن ۽ وڌيڪ ٻي ڪا حد مقرر نه آهي. قطعه ۾

هميشه هڪ مضمون، جذبو يا احساس اوتيو ويندو آهي، چو جو اهو هڪڙو ئي موضوع ٿئي ٿو، تنهن ڪري قطعه ۾ جيترا شعر هوندا سي پاڻ ۾ مربوط / لاڳاپيل هوندا اوترو ئي نه پر قطع جي مطلع ۾ رديف ۽ قافيو يا رڳو قافيو شاعريءَ جي مرتبي تي منحصر آهي، قطع جي لاءِ بحر يا وزن مقرر نه آهي.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ استاد بخاريءَ قطعو کي عروج تي پهچايو، جنهن کان پوءِ عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، پروانو ڀٽي، محسن ڪڪڙائي، تاجل بيوس، خاڪي جويو، تاج جويو، هدايت بلوچ، اميد خيرپوري، ادل سومرو ۽ تنوير عباسي هن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي.

تنوير عباسيءَ جي قطعي ۾ خاص طور تي، جيڪو فارسي اثر آهي، اهو قطع کي ان جي اصلي رنگ ۾ پيش ڪندي، وڏي مهارت سان ان کي جديد سنڌي لباس پهرايو آهي، جنهن جو اثر هينئين قطعن ۾ واضح آهي.

**قطعو:**

چا چئجي هن کي محفل ۾ ڪنهن تي آندو،
هن شوق ديد منهنجي با ذوق خود نمائي
مان حال دل هي پنهنجو هن کي ئي چئي ڇڏيندس
جي خوش ٿئي ته بهتر، جي ٿئي خفا خفائي..
(تنوير چئي، ص: ١٠)

**هائيڪو:**

دٻئي دل جيتي
موتي موهن گوپ سان
مڏ ويني پيتي
(ساجن سونهن سرت، ص: ٤٧)

مالهي ٽيو بدلي
۽ منهنجي گل دان جا
رنگ ويا مٽجي،





(ساجن سونهن سرت، ص: ٥٦)

ڏڪڻ هير لڳي
ڪنهن وينگس جي ارهه تان
رئو ويو ڪسڪي
(ساجن سونهن سرت، ٦٩)

**وايون:**

بسنت جهڙو پرين جنهنجو
گفتو گفتگو گل.
(ساجن سونهن سرت، ص: ١٨)

توسان عشق الستي يار
توسان عشق الستي يار
تنهنجي هستي مئہ جي مستي
مند جي آهي مستي يار
عشق سوا اوچائي ڪانهي
پيار بنا سڀ پستي يار
سونهن سڄاڻپ تنهنجي آهي
نينهن اسان جي هستي يار
ويهه اسان جي آڏو ڪجهه پل
ڳالهه ڪريون سربستي يار
نينهن نگر آ منهنجي بستي
منهنجي آهي بستي يار
(ساجن سونهن سرت، ص ٢٥)

**هندي ٻولي:**

سنڌي ٻوليءَ تي هندي ٻوليءَ جو تمام گهڻو اثر رهيو آهي، جنهن جي اهميت جو اندازو ۽ احساس، تنوير عباسي کي به هو، جنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ هندي ٻوليءَ جو پڻ استعمال ٿيل آهي. تنوير عباسيءَ جي شاعري ۾ هندي لفظ: وائي، غزل، گيت، هائيڪي ۽ نظم ۾ ملن ٿا.

**وائي:**

تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ۾، جتي عربي، فارسي، سنڌي، لفظن کي جنهن مهارت سان وائي ۾ استعمال ڪيو آهي اتي هندي ۾ به اهڙا ته لفظ استعمال ڪري ويو آهي، جو اهو يقين ئي نه ٿو اچي ته هي هندي لفظ آهن يا سنڌي. سندس هڪ وائي 'مون کي اڳتي وڃڻو آهي' ۾ هڪ هنڌ هندي لفظن جو استعمال هن ريت ٿو ڪري.

پنيرڪي ڪان سنجها تائين پنڌ پيو تاڻيندس
مون کي اڳتي وڃڻو آهي.
(ساجن سونهن سرت، ص ١٣)
يا
سڄڻ سندي سرهاڻ
من کي واس وڪوڙي ويو،
پورو هيس اڳي مان ڏاڍو
سڪ ڪيوم سڄاڻ.
(ساجن سونهن سرت، ص ١٧)
مورک ماپن ٽا موتين سان
تنهنجي مرڪ جو ماهه
(ساجن سونهن سرت، ص ١٨)

**غزل:**

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ غزل کي پنهنجي اهميت حاصل آهي، جو ان ۾ فارسي سان گڏ سنڌيءَ هندي لفظن جو استعمال اهڙو ته ڪيو آهي، جنهنڪري ڪيس جديد غزل جي بهترين شاعرن ۾ ليکيو وڃي ٿو، هيٺ غزل جي بندن ۾ ڏنل هندي لفظ آهن.

غزل ۾ هندي لفظ:

لڳائي آئين تون پرفيوم قيمتي ليڪن،
جي گل تو آندا انهنجي سگنڌ وئي ڍڪجي.
(ساجن سونهن سرت، ص ٣٨)





تنوير عباسي، هائيڪن ۾ به هندي لفظ وڏي مهارت سان استعمال ڪيا آهن، جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**هائيڪن ۾ هندي لفظن جو استعمال:**

ها ڪيڏو به وڏو
اجگر جيڏو ٿو لڳي
پوءِ به پاڇولو
(ساجن سونهن سرت، ص ٥٥)
يا
ڏاڍا ميگهه ملهار
ڏسي، ڏسي سڏڪا پريا
پنل لغڙڪي ٻار
(ساجن سونهن سرت، ص ٥٥)
يا
واهه ۾ ترڳن ٻار
اپ ته ٻاڙهو سج آ
پرتي لال ليار
(ساجن سونهن سرت، ص ٦٠)

تنوير عباسيءَ نظم ۾ به هندي لفظن جو استعمال ڪيو آهي سندس هڪ نظم مثال طور پيش ڪجي ٿو.

جي تون منهنجي درد جو درمان آهين
جي تون منهنجي روح جو رحمان آهين
خواب ۾ ڇو ٿي اچين
جاڳ ۾ اچ
آهين تون سپنو سهائو
مان مجان ٿو
پر تون ساپيان ٿي

جنهن سان مون سان گڏ سموري ڏيهہ جا
سور ماضي ٿي وڃن
پيار سرت ۾ سونهن
اهڙو مستقبل ٿئي
جيڪو اڻ ڪٿ آئين هجي
جيئن تنهنجي سونهن، تنهنجو پيار ۾ پاڪيزگي
(ساجن سونهن سرت، ص ٩٠)

**اردو ٻوليءَ جا لفظ:**

تنوير عباسيءَ جتي سنڌي، عربي، فارسي، هندي ٻولين جا لفظ پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيا آهن اتي اردو ٻولي جا به ڪي لفظ استعمال ڪيا آهن، جيڪي اهڙي تہ مهارت سان استعمال ڪيا آهن جو شعر جي مفهوم ۽ معنيٰ تي ڪو بہ اثر نہ ٿو پوي، جنهن جا مثال هيٺ مختصر پيش ڪجن ٿا.

**اردو ٻوليءَ جا لفظ**

**غزل**

سڙي ويو جنهن جو نشيمن برابر آ تنهن لئہ
چمن کان دور هجي يا ڪڏهن چمن ۾ هجي
ٿئي ستارو يا برسات يا شبنم ٿئي
پلي هي اشڪ سندم گردش ڪهن ۾ هجي
(ساجن سونهن سرت، ص ١٦)

يا

ستم مون اهڙو ڪتي چرغ نيلگون نہ ڏٺو،
ٿيو دل جو خون مگر دل جو خون مون نہ ڏٺو.
(ساجن سونهن سرت، ص ١٨)

جلائي آهہ سان دنيا وهائي خون دل پنهنجو
بيابان کر ڪتي پيدا ڪتي گلزار پيدا ڪر
(ساجن سونهن سرت، ص ٢٢)



ڪلاچي تحقيقي جرنل
Kalachi Research Journal

لبن تي هڪ سڪون آهي زبان تي خامشي آهي
نهايت مختصر اي دوست منهنجي زندگي آهي
(ساجن سونهن سرت، ص ٣٠)

دل جا دک اج دل ۾ لڪايو
آزاديءَ جي عيد ملهايو
(ساجن سونهن سرت، ص ٥٥)

**نظم:**

تنوير عباسي، پنهنجن نظمن ۾ بہ اردو لفظن جو استعمال ڪيو آهي جنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

هون تہ جلون جي هر دم جوت جلائي آئينو
پنهنجي ليکي هڪڙو ٻي ڪرڻو نہ اپائي آئينو
(ساجن سونهن سرت، ص ١٠٦)

ڪجهہ گهڙي جي لئہ فلڪ ڪجهہ گهڙي جي لئہ زمين.
(ساجن سونهن سرت، ص ١١١)

**هائيڪو:**

تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هائيڪن ۾ بہ اردو لفظن جو استعمال ڪيو آهي، جنهن جو نموني طور تي هڪ مختصر مثال پيش ڪجي ٿو

بجلي تي ويئي فيل
جوت ستارن جي وڏي
مهڪيا وڏ رابيل
(ساجن سونهن سرت، ص ٥٠٠)

**انگريزي لفظن جو استعمال:**

تنوير عباسيءَ، پنهنجي شاعريءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي لفظن جو بہ استعمال ڪيو آهي، جنهن جا مختلف صنفن تحت مثال مختصر طور ڏجن ٿا، جيڪي وائي، غزل ۽ نظمن ۾ آهن.

**وائي:**

موھ جي مڌ جو ملھ مھانگو
وسڪي آھي سستي يار.
(ساجن سونهن سرت، ص ٢٦)

**غزل:**

تنوير عباسيءَ، پنهنجي جديد غزل کي انگريزي لفظ سان بہ سينگاريو آھي، جنهن جو مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

سالن کان پوءِ مون کي پاتئہ ڳراٽڙي
پرفيومر ۾ پگھر جي خوشبو ملي
ميڪ اپ کي ڇا ٿيو جو وٽڙيل لڳي پيو
کھڙي سبب بگڙي ڪپڙن جي استري
(ساجن سونهن سرت، ص ٤٩)

**هائيڪو:**

تنوير عباسي جي هائيڪن ۾ بہ انگريزي لفظن جو ڪٿي ڪٿي خوبصورت انداز سان استعمال ڪيل آھي.

رات ڊگھي ۾ سيءُ
وقت گذارڻ آڏکيو
وٺ هي براندي پيءُ
(ساجن سونهن سرت، ص ٥٤)

ٽي وي بند ڪريو
مان پيي ويٺو آھيان
مون ڏي پيي تہ ڏسو
(ساجن سونهن سرت، ص ٥٧)

ڊائل ڪيم هر هر
ڪنهن ٻئي ٽيليفون کنئي
ساري رانگ نمبر
(ساجن سونهن سرت، ص ٧٥)





**نتيجو:**

تنوير عباسي، جديد شاعريءَ جو سگھارو شاعر ھو، سندس شمار شيخ اياز جي همعصرن ۾ ٿئي ٿو، جن سيني گڏجي سنڌ جي جديد شاعريءَ جو هڪ مضبوط ٻوٽو پوکيو، جنهن جي آبياري ٻين شاعرن سان گڏ تنوير عباسي پڻ ڪئي.

تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي کان علاوه عربي، فارسي، هندي، اردو توڙي انگريزي لفظ استعمال ڪري انهن کي سنڌي لهجي جو ويس ڍڪائي شاعريءَ ۾ نواڻ آندي. جنهن سان سنڌي شاعريءَ ۾ لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو ٿيو آھي. تنوير عباسيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي پنهنجي اندر سمائڻ جي سگھہ رکڻ واري مفروضي کي صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو آھي.

## حوالا


١. مهر خادم، ڊاڪٽر، 'تنوير عباسيءَ جون ادبي خدمتون'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١١ع، ص: ٢٤.
٢. ساڳيو، ص: ٥٩.
٣. ملڪ نديم (ايڊيٽر) پٽائي › تنوير عباسي نمبر شمارو: ٧، ڊسمبر ٢٠٠٢ع، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ٢٠٠٢ع ص: ٣٠.
٤. ساڳيو، ص: ٢٤.
٥. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ٢٠١١ع، ص: ٤٧.
٦. عباسي، ظفر، 'شاعريءَ جو صنفون'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ١٩٩٦ع ، ص: ٣٧.
٧. مهر خادم، ڊاڪٽر، 'تنوير عباسيءَ جون ادبي خدمتون'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١١ع، ص: ٩٩.
٨. عباسي، ظفر، 'شاعريءَ جو صنفون'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ١٩٩٦ع، ص: ٥٨.
٩. مهر خادم، ڊاڪٽر، 'تنوير عباسيءَ جون ادبي خدمتون'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١١ع، ص: ٧٧.
١٠. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ص: ٣٦٩.
١١. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 'تنوير عباسي هڪ مطالعو'، گنج بخش پبليڪيشن حيدر آباد، ٢٠٠٠ع، ص: ٢٩.